# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريہ 2010
# SINDH ACT NO.XIX OF 2010
# شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد ايڪٽ، 2009
# THE SHAHEED BENAZIR BHUTTO UNIVERSITY SHAHEED BENAZIR ABAD ACT, 2009
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. هيئت

Incorporation

4. يونيورسٽي جا اختيار

Powers of the University

5. يونيورسٽي جو دائره اختيار

Jurisdiction of the University

6. يونيورسٽي سمورن درجن، طبقن وغيره لاءِ کليل هوندي

University open to all classes, creeds, etc

7. يونيورسٽي ۾ تدريس

Teaching in the University

8. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University
9. چانسلر
Chancellor
10. معائنو
Visitation
11. پرو چانسلر
Pro Chancellor
12. وائيس چانسلر
Vice Chancellor
13. وائيس چانسلر جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Vice Chancellor
14. پرو وائيس چانسلر
Pro Vice Chancellor
15. رجسٽرار
Registrar
16. ماليات جو ڊائريڪٽر
Director of Finance
17. امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations
18. چيف اڪائونٽنٽ، برسر ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر
The Chief Accountant, Bursar and Resident Auditor
19. اٿارٽيز
Authorities
20. سينيٽ

Senate
21. سينيٽ جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Senate
22. سنڊيڪيٽ
The Syndicate
23. سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and duties of Syndicate
24. اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council
25. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council
26. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, functions and powers of other Authorities
27. ڪجھ اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري
Appointment of committees by certain Authorities
28. اسٽيچوٽس
Statutes
29. ضابطا
Regulations
30. اسٽيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي
Amendment and repeal of statutes and regulations
31. قاعدا
Rules
32. الحاق
Affiliation

33. الحاق ٿيل ادارن طرفان ڪورسز جو اضافو
Addition of courses by affiliated educational institutions
34. الحاق ٿيل تعليمي ادارن طرفان رپورٽون
Reports from affiliated educational institutions
35. الحاق ختم ڪرڻ
Withdrawal of affiliation
36. الحاق کان انڪار يا ختم ڪرڻ خلاف اپيل
Appeal against refusal or withdrawal of affiliation
37. اداري يا ڪاليج کي تحويل ۾ وٺڻ
Taking over of institution or college
38. يونيورسٽي فنڊ
University Fund
39. آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Audit and Accounts
40. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show case
41. سنڊيڪيٽ کي اپيل ۽ ان طرفان نظرثاني
Appeal to and review by the Syndicate
42. سپر اينوئيشن جي عمر
Age of superannuation
43. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووبڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ
Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund
44. اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات
Commencement of term of office of members of Authorities

45. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي

Filling of Casual Vacancies in authorities

46. اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ خرابيون

Voids in the constitution of Authorities

47. اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار

Disputes about membership of Authorities

48. اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ

Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies

49. فرسٽ اسٽيچوٽس

First Statutes

50. ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ وقت رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties at the commencement of the Act

51. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

52. ضمانت

Indemnity

53. عملدارن، استادن يا ملازمن کي ڪنهن حڪومت يا تنظيم جي هٿ هيٺ ڪم ڪرڻ لاءِ طلب ڪرڻ

Power to require officers, teachers or employees to serve under any Government or Organizations

## فرسٽ اسٽيچوٽس

(ڏسو دفعه 49)

## The First Statutes

(See section 49)

1. فيڪلٽيز

Faculties

2. ڊين

Dean

3. تدريسي شعبو

Teaching Department

4. بورڊ آف اسٽڊيز

Boards of Studies

5. اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ

Advanced studies and Research of Board

6. سليڪشن بورڊ

Selection Board

7. سليڪشن بورڊ جا ڪم

Functions of Selection Board

8. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي

The finance and Planning Committee

9. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم

Functions of the Finance and Planning Committee

10. الحاق ڪميٽي

Affiliation Committee

11. نظم و ضبط ڪميٽي

Discipline Committee

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 2010
# SINDH ACT NO.XIX OF 2010
# شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد ايڪٽ، 2009
# THE SHAHEED BENAZIR BHUTTO UNIVERSITY SHAHEED BENAZIR ABAD ACT, 2009

[12 نومبر 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي شهيد بينظير آباد ۾ شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شهيد بينظير آباد ۾ شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي جو قيام ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪري هن ريت جوڙيو عمل ۾ آندو ويندو:

## باب _I
## شروعاتي
## Chapter_I
## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد ايڪٽ، 2009 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي

اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) “الحاق شده ڪاليج” مطلب يونيورسٽي سان الحاق ٿيل ڪاليج پر ان طرفان سنڀاليو يا هلايو نہ وڃي؛

(c) “اٿارٽي” مطلب دفعہ 19 مطابق يونيورسٽي جي اٿارٽيز مان ڪا هڪ؛

(d) “چانسلر” مطلب يونيورسٽي جو چانسلر؛

(e) “ڪاليج” مطلب هڪ جوڙيل ڪاليج يا الحاق ٿيل ڪاليج؛

(f) “ڪميشن” مطلب هائير ايجوڪيشن ڪميشن؛

(g) “جوڙيل ڪاليج” مطلب ڪاليج جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو ۽ انتظام ڪيو وڃي؛

(h) “ڊين” مطلب بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين يا چيئرپرسن؛

(i) “ڊائريڪٽر” مطلب تدريسي ڊويزن يا يونيورسٽي طرفان جوڙيل اداري طور قائم ڪيل اداري جو سربراهہ؛

(j) “تعليمي ادارو” مطلب هڪ ادارو جيڪو فيڪلٽي سان لاڳاپيل مضمون يا مضمونن ۾ تعليم ڏيندو هجي؛

(k) “فيڪلٽي” مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛

(l) “حڪومت” مطلب سنڌ حڪومت؛

(m) “بيان ڪيل” مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(n) “پرنسپال” مطلب ڪاليج جو سربراهہ؛

(o) “پروفيشنل ڪاليج” مطلب هڪ ڪاليج جيڪو ميڊيسن، انجنيئرنگ، زراعت، ڪامرس، تعليم، قانون،

فائين آرٽس يا اهڙو ٻيو مضمون جيئن ضابطن ۾ پروفيشنل مضمون طور بيان ڪيو ويو هجي؛

(p) ”رجسٽرڊ گريجوئيٽ“ مطلب

(i)يونيورسٽي جو گريجوئيٽ جنهن جو نالو ان مقصد لاءِ يونيورسٽي طرفان رکيل رجسٽر ۾ داخل هجي؛ يا

(ii) ٻي ڪنهن يونيورسٽي جو گريجوئيٽ جيڪو عارضي طور يونيورسٽي جي دائره اختيار واري علائقي ۾ رهندو هجي، جنهن جو ان مقصد لاءِ يونيورسٽي جي رکيل رجسٽر ۾ نالو داخل ڪيو ويو هجي؛

(q) ”تحقيقي عملدار“ مطلب يونيورسٽي طرفان تحقيق لاءِ مقرر ڪيل ڪل وقتي شخص ۽ جيڪو رينڪ ۾ يونيورسٽي جي استاد برابر هوندو؛

(r) ”سينيٽ“ مطلب يونيورسٽي جي سينيٽ؛

(s) ”قانون، ضابطا ۽ قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا يا هن ايڪٽ ۽ وقتي طور لاڳو ڪرڻ لاءِ جوڙيا ويٺا هجن؛

(t) ”سنڊيڪيٽ“ مطلب يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ؛

(u) ”استاد“ جنهن ۾ شامل آهن يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان ڊگري، آنرس يا پوسٽ گريجوئيٽ ڪلاسز لاءِ ڪل وقتي مقرر ڪيل پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ضابطن ۾ استاد طور واضح ڪيا وڃن؛

(v) ”تدريسي شعبو“ مطلب تدريسي شعبو جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو ۽ انتظام ڪيو يا سجاڳ ڏنو ويو هجي؛

(w) "يونيورسٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي شهيد بينظير آباد؛

(x) "يونيورسٽي استاد" مطلب يونيورسٽي طرفان مقرر ڪيل يا پگھار تي رکيل هڪ ڪل وقتي استاد يا يونيورسٽي طرفان اهڙيءَ ريت سڃاتپ ڏنل؛ ۽

(y) "وائيس چانسلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسلر.

## باب _II

## يونيورسٽي

## Chapter_II

## The University

هيئت
Incorporation

3.(1) هن ايڪٽ جي گنجائش موجب شهيد بينظير آباد ۾ شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي.

(2) يونيورسٽي مشتمل هوندي:

(i) چانسلر ۽ پرو چانسلر؛ ۽

(a) مک ڪيمپس ۾ وائيس چانسلر، پرو وائيس چانسلر، ڊينس، پرنسپال، ڊائريڪٽرس، تدريسي شعبن جا چيئرمين، رجسٽرار، ماليات جا ڊائريڪٽر، امتحانن جو ڪنٽرولر، چيف اڪائونٽنٽ، برسر، ريزيڊنٽ آڊيٽر ۽ ٻيا اهڙا عملدار جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(b) اضافي ڪيمپس ۾، پرو وائيس چانسلر، ڊينس، تدريسي شعبن جا چيئرمين ۽ اهڙا ٻيا عملدار جيڪي چانسلر طرفان حڪومت جي سفارش تي مقرر ڪيا وڃن.

(ii) سينيٽ، سنڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽

يونيورسٽي جي ٻين اٿارٽيز جا ميمبر؛
(iii) يونيورسٽي جا سمورا استاد؛ ۽
(iv) اميريٽس پروفيسرس؛
بشرطيڪ چانسلر، حڪومت جي سفارش تي يونيورسٽي جي ضابطي ۽ انتظام هيٺ تعليمي اداري يا ڪاليج ۾ بورڊ آف گورنرس دفعه 37 تحت جوڙي سگهي ٿو جيڪي شق (i) جي ذيلي شق (b) ۾ ڄاڻايل عملدارن ۽ ملازمن بدران هوندا.
(3) يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد يونيورسٽي ايٽ شهيد بينظير آباد جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.
(4) يونيورسٽي ٻنهي قسمن جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، ليز تي ونڻ، وڪرو ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪنهن متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت کي منتقل ڪرڻ لاءِ مجاز هوندي، جيڪا ان ۾ شامل هجي يا ان طرفان حاصل ڪئي وئي هجي.

يونيورسٽي جا اختيار
Powers of the University

4. يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار هوندا:
(a) سکيا جي اهڙين شاخن ۾ تدريس فراهم ڪرڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ تحقيق، علم جي اضافي ۽ ترقي لاءِ گنجائشون ٺاهڻ، جيئن اهو طئي ڪري؛
(b) يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان پڙهائي جا ڪورس ۽ نصاب بيان ڪرڻ؛
(c) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان ونڻ ۽ انهن ماڻهن کي جن

جاٽايل شرطن موجب داخلا ورتي هجي ۽ امتحان پاس ڪيا هجن انهن کي سندون، ڊپلوماز سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛

(d) منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي سندون يا ٻيا اعزاز ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(e) اهڙن ماڻهن کي تعليم ڏيڻ ۽ سرٽيفڪيٽ ۽ ڊپلوماز ڏيڻ جيڪي يونيورسٽي جا شاگرد نه هجن؛

(f) اهڙن ماڻهن کي ڊگريون ڏيڻ جن بيان ڪيل شرطن موجب آزاداڻي تحقيق ڪئي هجي؛

(g) تعليمي ادارن کي بيان ڪيل شرطن موجب الحاق ڏيڻ يا الحاق ختم ڪرڻ؛

(h) بيان ڪيل شرطن موجب تعليمي ادارن کي پنهنجي مراعتن ۾ داخل ڪرڻ يا اهڙين مراعتن کي ختم ڪرڻ؛

(i) الحاق ٿيل يا الحاق چاهيندڙ ڪاليجن يا ٻين تعليمي ادارن جي جاچ ڪرڻ؛

(j) ٻين يونيورسٽيز يا سکيا جي هنڌن تي پاس ڪيل امتحانن يا پڙهائي جي گذاريل عرصي کي يونيورسٽي جي امتحانن جي پڙهائي جي عرصي برابر قبول ڪرڻ يا اهڙي منظوري کي رد ڪرڻ؛

(k) ٻين يونيورسٽيز ۽ اٿارٽيز سان اهڙيءَ ريت ۽ اهڙن مقصدن لاءِ سهڪار ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(l) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسرشپس ۽ ليڪچررشپس ۽ ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(m) تحقيق، ترقي، انتظامي ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ.

(n) يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخل ٿيل ڪاليجن يا تعليمي ادارن جي تدريسي عملي جي چونڊيل ميمبرن کي سڃاڻپ ڏيڻ يا اهڙن ٻين ماڻهن کي يونيورسٽي جي استاد طور سڃاڻپ ڏيڻ.

(o) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، برسريز، ميڊلس ۽ انعام پيدا ڪرڻ ۽ ڏيڻ، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(p) سکيا ۽ تحقيق جي ترقي لاءِ فيڪلٽيز، تدريسي شعبا، تحقيقي ادارا، هنري مرڪز، ميوزيمس ۽ ٻيا سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ انهن جي مرمت، سار سنڀال ۽ هلائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري.

(q) يونيورسٽي طرفان جوڙيل حڪمت عملي تحت يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۽ جوڙيل ادارن جي شاگردن جي رهائش تي ضابطو رکڻ.

(r) يونيورسٽي جي شاگردن جي نظم و ضبط جي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ تفريحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ.

(s) اهڙيون فيس ۽ ٻيون وصوليون طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري.

(t) تحقيق ۽ صلاحڪاري خدمتن لاءِ گنجائش جوڙڻ ۽ انهن مقصدن لاءِ حڪومت، تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽

فردن سان بيان ڪيل شرطن موجب انتظامن ۾ داخل ٿيڻ؛

(u) نيڪن ۾ شامل ٿيڻ، جاري رکڻ، تبديل يا رد ڪرڻ؛

(v) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛

(w) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي ڇپائي ۽ پڌرائيءَ جو بندوبست ڪرڻ؛

(x) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جيڪي مٿي ڄاڻايل اختيارن سان لاڳاپيل هجن يا نه، جيئن يونيورسٽي جا هڪ تعليمي، سکيا ۽ تحقيق واري هنڌ طور مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛

يونيورسٽي جو دائره اختيار
Jurisdiction of the University

5. (1) يونيورسٽيءَ کي پنهنجي ڪئمپس جي علائقائي حدن اندر ۽ شهيد بينظير آباد، نوشهروفيروز، سانگهڙ ۽ دادو ضلعن ۾ لاڳاپيل ڪاليجن جي حدن اندر دائره اختيار حاصل هوندو.

بشرطيڪ حڪومت يونيورسٽي سان مشوري بعد عام يا خاص حڪم ذريعي دائره اختيار ۾ ڦير گهير آڻي سگهي ٿي.

(2) ڪو به تعليمي ادارو جيڪو يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ واقع هجي، يونيورسٽي ۽ حڪومت جي منظوري ڪانسواءِ ڪنهن ٻي يونيورسٽي سان الحاق نه ڪندو يا ٻي يونيورسٽي جون مراعتون حاصل نه ڪندو.

(3) يونيورسٽي بيان ڪيل شرطن موجب ٻي ڪنهن يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ ايندڙ ڪنهن تعليمي اداري کي پنهنجي مراعتن ۾ داخل ڪري سگهي ٿي پوءِ اهو پاڪستان جي حدن اندر يا ٻاهر هجي، بشرطيڪ اهڙي يونيورسٽي جي منظوري اڳواٽ ورتي وئي هجي.

يونيورسٽي سمورن درجن، طبقن وغيره لاءِ کليل هوندي
University open to all classes, creeds, etc

6. يونيورسٽي ڪنهن به جنس يا مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڪنهن به رهائشي هنڌ سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم وٺڻ جي داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي فقط جنس، مذهب، نسل، طبقي، ذات، درجي يا رنگ جي بنياد تي داخلا کان منع نه ڪيو ويندو.

بشرطيڪ هن دفعه ۾ ڪجهه به شاگردن کي پنهنجي مذهبي حساب سان ڏني ويندڙ تعليم کان نه روڪيندي، اهڙي طريقي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

يونيورسٽي ۾ تدريس
Teaching in the University

7. (1) مختلف ڪورسز ۾ سموري تسليم ٿيل تدريس يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان بيان ڪيل طريقي موجب ڏني ويندي ۽ جيڪي مشتمل ٿي سگهن ٿا، ليڪچرس، ٽيوٽوريلس، بحث مباحثا، سيمينار، مظاهرا، ان سان گڏوگڏ ليباريٽريز، ورڪشاپس، فارمس ۾ عملي ڪم ۽ سکيا جا ٻين طريقن تي.

(2) تسليم ٿيل تدريس لاءِ ذميوار اٿارٽي اهڙي هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) ڪورسز ۽ نصاب اهڙو هوندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب -III

## يونيورسٽي جا عملدار

## Chapter_III

## Officers of the University

**يونيورسٽي جا عملدار**
**Officers of the University**

8. يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا:

(i) چانسلر؛

(ii) پرو چانسلر؛

(iii) وائيس چانسلر؛

(iv) پرو وائيس چانسلر؛

(v) ڊينس؛

(vi) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(vii) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(viii) رجسٽرار؛

(ix) ماليات جو ڊائريڪٽر؛

(x) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(xi) چيف اڪائونٽنٽ؛

(xii) برسر؛

(xiii) ريزيڊنٽ آڊيٽر؛

(xiv) لائبريرين؛ ۽

(xv) اهڙا ٻيا ماڻهو جن کي ضابطن موجب عملدار طور بيان ڪيو ويو هجي.

**چانسلر**
**Chancellor**

9. (1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو چانسلر هوندو.

(2) چانسلر، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۽ سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.

(3) جيڪڏهن چانسلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي

جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائش، قانون، ضابطن يا قاعدن موجب نہ آهن تہ اهڙي اٿارٽي يا عملدار کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪرڻ کانپوءِ تہ ڇو اهڙيون ڪارروايون يا حڪم ختم نہ ڪيا وڃن، لکت ۾ حڪم ذريعي ڪارروايون ختم ڪري سگهي ٿو.

(4) هر اعزازي ڊگري چانسلر کان تصديق بعد ڏني ويندي.

(5) چانسلر کي سينيٽ طرفان جمع ڪرايل قانونن کي منظور ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو يا منظوري روڪي سگهي ٿو يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ واپس سينيٽ ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.

(6) چانسلر ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبرشپ تان هٽائي سگهي ٿو، جيڪڏهن اهڙو شخص:

(i) ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو، يا

(ii) اٿارٽي جي ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي وڃي ٿو، يا

(iii) جنهن کي قانون جي ڪنهن عدالت طرفان اخلاقي گستاخي جي ڏوهہ ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي.

(7) چانسلر هن ايڪٽ جي گنجائش موجب ۽ حڪومت جي عام يا خاص حڪمن تحت يونيورسٽي جي مک ڪيمپس جي ڪنهن اٿارٽي، عملدار يا ملازم جا سمورا يا ڪي بہ اختيار ۽ ڪم ان جي ايڊيشنل ڪيمپس جي ڪنهن اٿارٽي، عملدار، ملازم يا ٻئي ڪنهن شخص ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي

ايڊيشنل ڪيمپس ۾ اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ ۽ ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ ۽ انهيءَ مقصد لاءِ چانسلر حڪومت سان مشوري بعد ايڊيشنل ڪيمپس ۾ نيون آساميون ۽ عهدا پيدا ڪري سگهي ٿو.

معائنو Visitation

10. (1) چانسلر يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ يا پڇا ڳاڇا ڪرائي سگهي ٿو ۽ وقت بوقت حڪومت جي مشوري سان اهڙو شخص يا شخصيتون معائني جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو:

(i) يونيورسٽي، ان جون عمارتون، ليباريٽريز، لائبريريز، ميوزيمس، ورڪشاپس ۽ اوزار؛

(ii) ڪو ادارو، ڪاليج يا هاسٽل يونيورسٽي طرفان سنڀاليل يا سڃاڻپ ڏنل يا الحاق ٿيل؛

(iii) تدريس ۽ يونيورسٽي طرفان ڪيل ڪو ٻيو ڪم؛

(iv) يونيورسٽي طرفان منعقد ڪيل امتحان؛ ۽

(v) چانسلر مٿي ڄاڻايل هر ڪيس جي سلسلي ۾ سنڊيڪيٽ کي معائني يا ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ نوٽيس ڏئي سگهي ٿو ۽ سنڊيڪيٽ کي ان ۾ پنهنجي ترجماني ڪرڻ موقوف بيان ڪرڻ جي اهل هوندي.

(2) چانسلر ان سلسلي ۾ ڪيل جاچ ۽ ڇنڊ ڇاڻ جي نتيجن تي سنڊيڪيٽ سان ڳالهه ٻولهه ڪندو ۽ سنڊيڪيٽ طرفان راءِ ملڻ کانپوءِ سنڊيڪيٽ کي قدم کڻڻ لاءِ مشورو ڏيندو.

(3) سنڊيڪيٽ اهڙي قدم بابت چانسلر سان رابطو ڪندي، جيڪڏهن ڪو هجي، جيئن قدم ڪنيو ويو

هجي يا جاچ يا ڇنڊڇاڻ جي نتيجي تي قدم کڻڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو هجي، اهڙي وقت دوران جيئن چانسلر طرفان چاٽايو ويو هجي.

(4) جتي سنڊيڪيٽ چاٽايل وقت دوران چانسلر کي مطمئن ڪندڙ قدم نہ ٿي کڻي، تہ پوءِ چانسلر سنڊيڪيٽ طرفان جمع ڪرايل وضاحت يا ڪنهن ريپريزنٽيشن بعد اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسلر اهڙين هدايتن تي عمل ڪرڻ جو پابند هوندو.

**پرو چانسلر**
**Pro Chancellor**

11.(1) تعليم وارو وزير پرو چانسلر هوندو.

(2) چانسلر اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان غير حاضر هجي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري تہ پرو چانسلر، چانسلر جا سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جون سموريون ذميواريون نڀائيندو.

**وائيس چانسلر**
**Vice Chancellor**

12. (1) هڪ وائيس چانسلر هوندو جيڪو ناميارو تعليم دان ۽ منفرد ايڊمنسٽريٽر هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت جي مشوري تي مقرر ڪيو ويندو.

(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن وائيس چانسلر جي آفيس خالي هجي، يا وائيس چانسلر غير حاضر آهي يا بيماري سبب آفيس جون ذميواريون نڀائڻ کان لاچار آهي، يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري تہ چانسلر حڪومت جي مشوري سان وائيس چانسلر جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪري سگهي ٿو جيئن مناسب سمجهي.

**وائيس چانسلر جا اختيار ۽**

13.(1) وائيس چانسلر يونيورسٽي جو اعليٰ ترين

ذميواريون
Powers and duties of the Vice Chancellor

تدريسي ۽ انتظامي آفيسر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن ۽ قاعدن تي عمل ڪندي يونيورسٽي جي عام حيثيت ۽ بهتر صورتحال کي هٿي وٺرائيندو. هن کي يونيورسٽي جي انتظامي ضابطي سميت سمورن عملدارن، استادن ۽ ملازمن تي سمورا ضروري اختيار حاصل هوندا.

(2) وائيس چانسلر، چانسلر ۽ پرو چانسلر جي غير حاضري ۾، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشنز ۽ سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ جيڪڏهن موجود هجي، اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو، جن جو اهو چيئرمين آهي ۽ يونيورسٽي جي ڪنهن به اٿارٽي يا باڊي جي گڏجاڻيءَ ۾ موجود رهڻ يا صدارت ڪرڻ جو مجاز هوندو.

(3) وائيس چانسلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، پنهنجي قدم بابت عملدار، اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(4) وائيس چانسلر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا تہ:

(i) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ پرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهہ مهينن کان وڌيڪ نہ هجي؛

(ii) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سموري خرچ جي منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي ساڳين مکيہ مدن ۾ فنڊ جي ڦير گهير ڪرڻ؛

(iii) غير متوقع ڪم لاءِ رقم منظور ڪرڻ جيڪا هڪ لک رپين کان وڌيڪ نہ هجي يا ٻئي مد مان ڪڍڻ، جيڪو بجيٽ ۾ نہ ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛

(iv) لاڳاپيل اٿارٽيز طرفان نالن جا پينل ملڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي جي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(v) پيپرس، مارڪس ۽ نتيجن جي چڪاس لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛

(vi) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي اهو يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي؛

(vii) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، هن ايڪٽ تحت پنهنجي اختيارن منجهان ڪي اختيار منتقل ڪرڻ؛

(viii) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(ix) بي ايس 16 تائين بنيادي اسڪيلس ۾ آسامين تي مقرريون ڪرڻ.

**پرو وائيس چانسلر**
**Pro Vice Chancellor**

14. (1) چانسلر حڪومت جي صلاح تي ۽ وائيس چانسلر سان مشوري بعد مک ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس، جيڪڏهن ڪو هجي، يا ٻنهي ڪيمپسز لاءِ

گڏيل طور تي يا ڌار ڌار اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نہ هجي، جيئن چانسلر طئي ڪري پرو وائيس چانسلر مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) جتي ذيلي دفعہ (1) تحت پرو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو آهي، اهو جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ وائيس چانسلر جا ڪم سرانجام ڏئي سگهجي ٿو يا اهڙا ٻيا اختيار يا ڪم ڪئمپس جي سلسلي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو جن لاءِ اهو مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪي چانسلر ڪيس منتقل ڪري.

(3) پرو وائيس چانسلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو ويو آهي، سينيٽ، سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ايڪس آفيشو ميمبر هوندو ۽ دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (2) تحت يونيورسٽي ۾ شامل ۽ دفعہ 8 تحت يونيورسٽي جو عملدار سمجهيو ويندو.

رجسٽرار Registrar

15. رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت پاران تجويز ڪيل ماڻهن منجهان مقرر ڪيو ويندو، اهو هي ڪم ڪندو:

(a) ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندو، مدو ختم ٿيڻ تي ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو؛

(b)يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعيلمي رڪارڊس جو سنڀاليندڙ هوندو؛

(c) بيان ڪيل طريقي موجب رجسٽرڊ گريجوئيٽ جو رجسٽر ٺاهيندو؛

(d) مختلف اٿارٽيز جي ميمبرن جون چاٽايل طريقي موجب چونڊون ڪرائيندو؛ ۽

(e)اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

**ماليات جو ڊائريڪٽر**
Director of Finance

16. (1) ڊائريڪٽر آف فنانس يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت جي تجويز ڪيل ماڻهن منجهان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. اهو هي ڪم ڪندو:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاري سنڀاليندو؛

(b) يونيورسٽي جي ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي ماليات ڪميٽي، سنڊيڪيٽ ۽ سينيٽ جي سامهون پيش ڪندو؛

(c) اها پڪ ڪندو ته يونيورسٽي جا فنڊس انهن مقصدن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن، جن لاءِ اهي جاري ڪيا ويا آهن؛ ۽

(d) اهو اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڊائريڪٽر فنانس جي چيف اڪائونٽنٽ، برسر ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان مدد ڪئي ويندي.

**امتحانن جو ڪنٽرولر**
Controller of Examinations

17. امتحانن جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت جي تجويز ڪيل ماڻهن منجهان مقرر ڪيو ويندو ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون

ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

چيف اڪائونٽنٽ، برسر ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر
The Chief Accountant, Bursar and Resident Auditor

18. چيف اڪائونٽنٽ، برسر ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر يونيورسٽي جا ڪل وقتي عملدار هوندا اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن سنڊيڪيٽ طئي ڪري.

ٻيا ڪل وقتي عملدار
Other Whole time Officers

19. دفعه 8 ۾ ڄاڻايل باقي ٻيا سمورا عملدار حڪومت طرفان بااختيار ٻڌايل اهڙي عملدار يا اٿارٽي طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيا ويندا، جيئن اها طئي ڪري. اهي پنهنجون ذميواريون ادا ڪندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب _IV
## يونيورسٽي جون اٿارٽيز
## Chapter_IV
## Authorities of the University

اٿارٽيز
Authorities

20. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:
(i) سينيٽ;
(ii) سنڊيڪيٽ;
(iii) اڪيڊمڪ ڪائونسل;
(iv) بورڊس آف فيڪلٽيز;
(v) بورڊس آف اسٽڊيز;
(vi) سليڪشن بورڊ;
(vii) ايڊوانسڊ اسٽڊيز اينڊ ريسرچ بورڊ;
(viii) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي;

(ix) الحاق ڪميٽي؛

(x) ڊسيپلين ڪميٽي؛ ۽

(xi)اهڙيون ٻيون اٿارٽيز جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**سينيٽ**
**Senate**

21. (1) سينيٽ هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) چانسلر؛

(ii) پرو چانسلر؛

(iii) وائيس چانسلر؛

(iv) پرو وائيس چانسلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو ويو هجي؛

(v) سنڊيڪيٽ جا ميمبر؛

(vi) ڊينس؛

(vii) ڊائريڪٽرس؛

(viii) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(ix) يونيورسٽي پروفيسرس ۽ اميريٽس پروفيسرس؛

(x) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(xi) شاگردن جي معاملن جو عملدار يا استاد انچارج (ڪهڙو بہ عهدو سڏيو ويندو هجي)؛

(xii) الحاق شده ڪاليجن جا ٽي پرنسپالس اهڙن سمورن ڪاليجن مان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛

(xiii) ملازمت جو گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال تجربو رکندڙ الحاق ٿيل ڪاليجن جا ٻارنهن استاد سمورن ڪاليجن جي استادن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا جن؛

(xiv) يونيورسٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن جا

چيئرمين؛
(xv) بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن جو چيئرمين؛
(xvi) گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال ملازمت جو تجربو رکندڙ ٻارنهن استاد سمورن يونيورسٽي استادن طرفان چونڊيا ويندا؛
(xvii) ٻه رجسٽرڊ گريجوئيٽ اهڙن سمورن گريجوئيٽس طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛
(xviii) آرٽس، سائنسز ۽ ٻين شعبن ۾ ماهر ٽي ماڻهو هر هڪ ڪيٽيگري مان هڪ؛
(xix) رجسٽرار؛
(xx) ماليات جو ڊائريڪٽر؛
(xxi) امتحانن جو ڪنٽرولر؛ ۽
(xxii) لائبريرين؛
(xxiii) صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان ٽي ايم پي ايز نامزد ڪيا ويندا؛
(xxiv) ضلعي شهيد بينظير آباد جي شهيد بينظير آباد شهر مان قومي اسيمبلي جو ميمبر.
(2) چانسلر يا سندس غير حاضري ۾، پرو چانسلر يا ٻنهي جي غير حاضري ۾، وائيس چانسلر سينيٽ جو چيئرمين هوندو.
(3) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ سينيٽ جا ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندا.
(4) سينيٽ هر سال گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا گڏجاڻي ڪندي اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسلر طرفان چانسلر جي منظوري سان طئي ڪيون وڃن.

(5) سينيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم سمورن ميمبرن جي هڪ پاڱي تي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

**سينيٽ جا اختيار ۽ ذميواريون**
**Powers and duties of the Senate**

22. هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، سينيٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) سنڊيڪيٽ طرفان تجويز ڪيل قانونن جي ڊرافٽس کي تسليم ڪرڻ ۽ دفعه 29 جي ذيلي دفعه (2) ۾ ڄاڻايل طريقي موجب انهن کي نيڪال ڪرڻ؛

(b) ساليانو رپورٽ، اڪائونٽس جي ساليانو اسٽيٽمينٽ ۽ ساليانن ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ ٺهراءُ منظور ڪرڻ؛

(c) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب سنڊيڪيٽ ۽ ٻين اٿارٽيز جا ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(d) پنهنجا ڪي به اختيار اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي حوالي ڪرڻ؛ ۽

(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

**سنڊيڪيٽ**
**The Syndicate**

23. (1) سنڊيڪيٽ هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(ii) پرو وائيس چانسلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو ويو هجي؛

(iii) يونيورسٽيءَ جي حدن سان لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جا ٽي ميمبر جن کي اسيمبليءَ جو اسپيڪر مقرر ڪندو؛

(iv) ضلعي شهيد بينظير آباد جي شهيد بينظير آباد

شهر مان قومي اسيمبلي جو هڪ ميمبر؛
(v) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو هڪ جج؛
(vi) تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي رتبي کان گهٽ نہ هجي؛
(vii) هائير ايجوڪيشن ڪميشن جو هڪ نامزد ڪيل؛
(viii) هڪ ڊين چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو؛
(ix) هڪ پروفيسر يونيورسٽي جي پروفيسرن طرفان پاڻ منجهان چونڊيو ويندو؛
(x) هڪ ايسوسيئيٽ پروفيسر يونيورسٽي جي ايسوسيئيٽ پروفيسرن طرفان پاڻ منجهان چونڊيو ويندو؛
(xi) هڪ اسسٽنٽ پروفيسر يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسرن طرفان پاڻ منجهان چونڊيو ويندو؛
(xii) هڪ ليڪچرر جنهن کي ملازمت جو گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن جو تجربو هجي يونيورسٽي جي ليڪچررن طرفان پاڻ منجهان چونڊيو ويندو؛
(xiii) ٽي ناميارا ماڻهو چانسلر طرفان حڪومت جي تجويز ڪيل ماڻهن منجهان نامزد ڪيا ويندا؛
(xiv) هڪ الحاق ٿيل ڪاليج جو پرنسپال چانسلر طرفان حڪومت جي تجويز ڪيل ماڻهن منجهان نامزد ڪيو ويندو؛

(xv) هڪ عالم ۽ هڪ عورت جيڪي ڪنهن تعليمي اداري ۾ ملازمت نہ ڪندا هجن چانسلر طرفان حڪومت جي سفارش ڪيل ماڻهن منجهان نامزد ڪيا ويندا.

(2) ايڪس آفيسو ميمبرن کانسواءِ سنڊيڪيٽ جا ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندا.

(3) سنڊيڪيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

**سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون**

**Powers and duties of Syndicate**

24. (1) سنڊيڪيٽ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو باڊي هوندي ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب يونيورسٽي جي معاملن ۽ ملڪيت جي انتظام تي عام نظرداري هوندي.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، سنڊيڪيٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) طريقو طئي ڪرڻ، تحويل ۾ ڏيڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر کي استعمال ۾ آڻڻ؛

(b) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي مشوري سان يونيورسٽي جا مالي امور، اڪائونٽس ۽ سيڙپڪاريون سنڀالڻ ۽ هلائڻ ۽ ان مقصد لاءِ اهڙا ايجنٽ مقرر ڪرڻ، جيئن مناسب سمجهي؛

(c) ساليانى ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جي ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سينيٽ کي مشورو ڏيڻ، ۽ خرچ جي ميجر هيڊ مان بئي ڏانهن فنڊس کي ٻيهر ونڊڻ ورڇڻ؛

(d) يونيورسٽي طرفان منقولہ ۽ غير منقولہ ملڪيت جي منتقلي ڪرڻ ۽ منتقلي قبول ڪرڻ؛

(e) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(f) يونيورسٽي طرفان حاصل ڪيل يا خرچ ڪيل سمورين رقمن جي اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي اثاثن ۽ وسيلن جو حساب ڪتاب تيار ڪرڻ؛

(g) ڪنهن نہ استعمال ٿيل رقم سميت يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪا رقم ٽرسٽس ايڪٽ، 1882 (1882 جو ايڪٽ II) جي دفعہ 20 ۾ بيان ڪيل ڪن سڪيورٽيز ۾ سيڙائڻ ۽ غير منقولہ ملڪيت خريد ڪرڻ ۾ يا اهڙي ٻئي ڪنهن طريقي، جيئن اها طئي ڪري، اهڙين سيڙپڪارين جي سلسلي ۾ مليل اختيارن جي سلسلي ۾؛

(h) يونيورسٽي کي منتقل ڪيل ڪنهن ملڪيت يا ڪيل گرانٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين سهڪارن کي حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(i)يونيورسٽي جي نالي رکيل ڪن فنڊس جو مخصوص مقصدن لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(j) يونيورسٽي جي عام مهر جي تحويل ۽ استعمال جو طريقو طئي ڪرڻ؛

(k) يونيورسٽي لاءِ گهربل عمارتون ۽ ٻيا احاطا، لائبريريز، فرنيچر، سامان، اوزار ۽ اهڙيون ٻيون شيون مهيا ڪرڻ؛

(l) رهائش جا هالس ۽ هاسٽلس قائم ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽

شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽلس يا لاجنگس جي منظوري ڏيڻ يا لائسنس جاري ڪرڻ؛

(m) ڪاليجن کي الحاق ڏيڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ؛

(n) تعليمي ادارن کي يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخل ڪرڻ يا اهڙيون مراعتون ختم ڪرڻ؛

(o) ڪاليجن ۽ تدريسي شعبن جي جاچ ڪرائڻ؛

(p) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچرر شپس ۽ ٻيون تدريس جون آساميون پيدا ڪرڻ يا اهڙين آسامين کي سسپينڊ يا ختم ڪرڻ؛

(q) اهڙين انتظامي، تحقيقي، اضافي يا ٻين عهدن کي پيدا ڪرڻ، سسپينڊ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(r) سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بي ايس 17 ۽ ان کان مٿي آسامين تي يونيورسٽي جا استاد ۽ ملازم مقرر ڪرڻ؛

(s) ناميارا ۽ منفرد پروفيسر اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(t) بيان ڪيل شرطن موجب اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(u) يونيورسٽي جي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جون ذميواريون بيان ڪرڻ؛

(v) عملدارن (سواءِ وائيس چانسلر جي)، استادن ۽ ٻين ملازمن کي ڄاڻايل طريقيڪار موجب سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ ۽ ملازمت کان برطرف ڪرڻ؛

(w) انهن معاملن تي سينيٽ کي رپورٽ ڪرڻ جن

معاملن تي رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو هجي؛

(x) هن ايڪٽ جي گنجائش موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(y) سينيٽ کي جمع ڪرائڻ لاءِ اسٽيچوٽس جا ڊرافٽس تجويز ڪرڻ؛

(z) دفعہ 31 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ بيان ڪيل طريقي موجب اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ضابطن تحت غور ڪرڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ؛ بشرطيڪ سنڊيڪيٽ پنهنجي ضرورت موجب ضابطا جوڙي سگهي ٿي ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جي مشوري بعد انهن جي منظوري ڏئي سگهي ٿي؛

(aa) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ٻيا سمورا اختيار استعمال ڪرڻ، خاص طور تي جيڪي هن ايڪٽ ۽ قانونن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن؛

(bb) پنهنجا اختيار ڪنهن اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي کي منتقل ڪرڻ؛ ۽

(cc) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن تحت سونپيا ويا هجن يا قانونن موجب سونپي سگهجن ٿا.

**اڪيڊمڪ ڪائونسل**
**Academic Council**

25. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسلر (چيئرمين)؛

(ii) پرو وائيس چانسلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو ويو هجي؛

(iii) ڊينس؛

(iv) ڊائريڪٽرس؛
(v) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛
(vi) پروفيسرس اميريٽس سميت يونيورسٽي جا پروفيسرس؛
(vii) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛
(viii) تعليم کاتي جو سيڪريٽري يا سندس طرفان نامزد ڪيل، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي؛
(ix) ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر(ايجوڪيشن) شهيد بينظير آباد؛
(x) تدريسي شعبن جي چيئرمين کانسواءِ بہ ايسوسيئيٽ پروفيسر انهن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛
(xi) چار اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر انهن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛
(xii) الحاق ٿيل ڪاليجن جا چار پرنسپالس اهڙن سمورن ڪاليجن جي پرنسپالس مان چونڊيا ويندا، جن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ پروفيشنل ڪاليجن ۽ هڪ وومينس ڪاليجن مان هوندا؛
(xiii) الحاق ٿيل ڪاليجن جا پنج استاد جن کي الحاق ٿيل ڪاليج ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج سال ملازمت جو تجربو هجي، سواءِ پرنسپالس جي، اهڙن سمورن الحاق ٿيل ڪاليجن جي استادن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا، جن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ پروفيشنل ڪاليجن ۽ هڪ وومينس ڪاليجن مان هوندو؛

(xiv) آرٽس، سائنسز ۽ ٻين شعبن ۾ ناميارا ٽي ماڻهو، هر ڪيٽيگري مان هڪ چانسلر طرفان حڪومت جي سفارش ڪيل ماڻهن مان نامزد ڪيا ويندا؛

(xv) رجسٽرار؛

(xvi) لائبريرين؛ ۽

(xvii) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(2) نامزدگي يا چونڊ ذريعي مقرر ڪيل ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا؛

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي تي برابر هوندو.

**اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون**
Powers and duties of the Academic Council

26.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، جي تدريس، اسڪالر شپ، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي تدريسي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) سنڊيڪيٽ کي تعليمي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) تدريس، تحقيق ۽ امتحانن جو انتظام ڪرڻ؛

(c) شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ داخلا ڏيڻ؛

(d) يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چت ۽ نظم و ضبط جو انتظام ڪرڻ؛

(e) سنڊيڪيٽ کي فيڪلٽيز تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(f) يونيورسٽي ۾ تدريس ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقي لاءِ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ تجويزون جوڙڻ؛

(g) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب به هوندو، بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڄاڻايل تاريخ تائين وصول نه ٿيون ٿين، اڪيڊمڪ ڪائونسل، سنڊيڪيٽ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳوات امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن؛

(h) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(i) اسٽوڊنٽ شپس، اسڪالر شپس، ميڊلس ۽ انعامن جو انتظام ڪرڻ؛

(j) سنڊيڪيٽ کي جمع ڪرائڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(k) هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛ ۽

(l) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution,

27. اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار جن لاءِ هن ايڪٽ ۾ ڪا خاص گنجائش نه جوڙي وئي هجي، اهي ايئن هوندا جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

functions and powers of other Authorities

کجھ اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري
Appointment of committees by certain Authorities

28. سينيٽ، سنڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ٻيون اٿارٽيز وقت بوقت اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون جوڙي سگهن ٿيون، جيئن اهي مناسب سمجهن ۽ ماڻهو ڪميٽي جي ميمبر طور مقرر ڪري سگهن ٿيون، جيڪي اهڙين اختيارين جا ميمبر نہ هجن.

## باب ـ V
## اسٽيچوٽس، ضابطا ۽ قاعدا
## Chapter_V
## Statutes, Regulations and Rules

اسٽيچوٽس
Statutes

29. (1) هن ايڪٽ جي گنجائش موجب، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ اسٽيچوٽس جوڙي سگهجن ٿا:

(a) يونيورسٽي جي ملازمن جي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ جي جوڙجڪ؛

(b) يونيورسٽي جي عملدار، استادن ۽ ٻين ملازمن جي ملازمت جا پي اسڪيل ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا؛

(c) رجسٽرڊ گريجوئيٽس جو رجسٽر تيار ڪرڻ؛

(d) تعليمي ادارن جو الحاق ۽ الحاق ختم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملا؛

(e) تعليمي اداري جي يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخلا

يا اهڙين مراعتن کي ختم ڪرڻ؛
(f) يونيورسٽي جي اٿارٽيز جي ميمبرشپ لاءِ چونڊون ۽ لاڳاپيل معاملا؛
(g) فيڪلٽيز ادارن ۽ ڪاليجن ۽ ٻين اڪيڊمڪ ڊويزنس جو قيام؛
(h) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛
(i) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين ادارن يا پبلڪ باڊيز سان تحقيق ۽ صلاحڪاري خدمتن جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛
(j) اميريٽس پروفيسرز جي مقرري جا شرط ۽ اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛
(k) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛
(l) ڪورسز جي عرصي ۽ مضمونن جي انگ ۽ امتحانن لاءِ پيپرس سميت پڙهائي جون عام اسڪيمون؛ ۽
(m) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.
(2) سنڊيڪيٽ قانونن جو مسودو سينيٽ کي پيش ڪندي، جيڪا تجويزن تي غور ڪرڻ بعد تبديلين سان يا بنا تبديلين جي منظور ڪري سگهي ٿي يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ سنڊيڪيٽ ڏانهن واپس اماڻي سگهي ٿي:
بشرطيڪ ڪو به قانونن جو ڊرافٽ تجويز نه ڪندي جيڪو يونيورسٽي جي ڪنهن اٿارٽي جي جوڙجڪ يا

اختيارن تي اثرانداز ٿئي؛ جيستائين ڪنهن اٿارٽي طرفان تجويز تي بيان ڪرڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ ذيلي دفعہ (1) جي شقن (a) ۽ (b) ۾ بيان ڪيل معاملن مان ڪنهن بہ هڪ سان لاڳاپيل قانونن جو ڊرافٽ چانسلر ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ تيستائين اثرائتو نہ ٿيندو جيستائين چانسلر طرفان منظوري ڏني وڃي؛

بشرطيڪ اهو بہ تہ ذيلي دفعہ (1) جي شق (k) ۾ ڄاڻايل معاملن مان ڪنهن هڪ سان لاڳاپيل قانون چانسلر طرفان جوڙيو ويندو.

ضابطا
Regulations

30. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(a) يونيورسٽي جي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ ڪورسز آف اسٽڊيز؛

(b) طريقو جنهن تحت دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيل تسليم شده تدريس جو انتظام ڪيو ۽ فراهم ڪئي ويندي؛

(c) يونيورسٽي ۾ شاگردن جي داخلا؛

(d) شرطن جن تحت شاگردن کي يونيورسٽي جي ڪورسز ۽ امتحانن لاءِ داخلا ڏني ويندي ۽ جيڪي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ اهل ٿيندا؛

(e) امتحان منعقد ڪرڻ؛

(f) يونيورسٽي جي مختلف ڪورسز ۽ امتحانن ۾ داخلا

لاءِ فيس ۽ ٻيون چارجز جيڪي شاگردن پاران ادا ڪيون وينديون؛

(g) يونيورسٽي جي شاگردن جو نظم و ضبط؛

(h) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي شاگردن جي رهائش جا شرط، بشمول رهائش جي هالس ۽ هاسٽلس ۾ رهائش لاءِ فيس لڳائڻ جي؛

(i) هاسٽلس ۽ لاجنگس جي منظوري ۽ لائسنس ڏيڻ؛

(j) شرط جن تحت ڪو شخص ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ آزاداڻي تحقيق جاري رکي سگهي ٿو؛

(k) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، ميڊلس ۽ انعام ڏيڻ؛

(l) وظيفا ۽ فري ۽ هاف فري اسٽوڊنٽ شپس ڏيڻ؛

(m) اڪيڊمڪ ڪاسٽيوم؛

(n) لائبريري جو استعمال؛

(o) تدريسي شعبن ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ؛ ۽

(p) ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.

(2) ضابطا اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيا ويندا ۽ منظوري لاءِ سنڊيڪيٽ کي پيش ڪيا ويندا، جيڪا ان کي ان کي جمع ڪرايل ضابطا منظور ڪري يا منظوري روڪي يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي واپس اماڻي سگهي ٿي. اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ڪو به ضابطو تيستائين موثر نہ هوندو جيستائين ان جي سنڊيڪيٽ طرفان منظوري

نہ ڏني وڃي.

31. قانونن ۽ ضابطن ۾ واڌاري، ترميم ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو طريقيڪار ساڳيو هوندو جيڪو قانونن ۽ ضابطن جي جوڙڻ ۽ ناهڻ لاءِ ترتيبوار بيان ڪيل آهي.

استيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي
Amendment and repeal of statutes and regulations

32. (1) اٿارٽيز ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، استيچوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون؛

قاعدا
Rules

بشرطيڪ سنڊيڪيٽ سواءِ سينيٽ جي ٻي ڪنهن اٿارٽي يا باڊي طرفان هن دفعہ تحت جوڙيل ڪن بہ قاعدن ۾ ترميم ڪرڻ يا انهن کي ختم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي؛

بشرطيڪ وڌيڪ تہ جيڪڏهن اهڙي اختياري يا باڊي اهڙين هدايتن سان مطمئن نہ آهي تہ اها سينيٽ کي اپيل ڪري سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

(2) سنڊيڪيٽ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿي، جيڪي خاص طور تي هن ايڪٽ، قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

## باب _VI
## تعليمي ادارن جو يونيورسٽي ۾ الحاق
## Chapter_VI
## Affiliation of Educational Institutions to

the University

| | |
|---|---|
| 33. (1) يونيورسٽي سان الحاق چاهيندڙ تعليمي ادارو مطمئن ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي کي درخواست ڏيندو تہ: | الحاق Affiliation |

(i) تعليمي ادارو حڪومت جي انتظام هيٺ آهي يا ان لاءِ مستقل بنيادن تي جوڙيل گورننگ باڊي آهي؛

(ii) تعليمي اداري جا مالي وسيلا اداري جي مرمت ۽ جوڳي نموني ڪم جاري رکڻ لاءِ ڪافي آهن؛

(iii) تعليمي اداري جي پڙهائيندڙ ۽ ٻئي اسٽاف جو تعداد، تعليمي قابليت ۽ ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا بيان ڪيل ڪورسز آف اسٽڊيز ۽ تعليمي اداري جي تربيت جي مقصد لاءِ مطمئن ڪندڙ آهن؛

(iv) تعليمي اداري کي پنهنجي ملازمن جي ڪم ڪار ۽ نظم و ضبط کي سنڀالڻ لاءِ جوڳا قاعدا آهن؛

(v) عمارت جنهن جڳهہ تي تعليمي ادارو قائم ٿيڻو آهي، اها موزون آهي ۽ گنجائشون قانونن ۽ قاعدن موجب شاگردن جي رهائش لاءِ جوڙيون وينديون، جيڪي پنهنجي والدين يا سنڀاليندڙ سان گڏ تعليمي اداري يا هاسٽلس يا ان طرفان منظور ڪيل رهائش جي جڳهن ۾ نہ رهي سگهندا، نظرداري ۽ شاگردن جي طبي ۽ عام ڀلائيءَ جي سلسلي ۾ اها عمارت مناسب آهي؛

(vi) لائبريري ۽ لائبريري جي ججهي انداز ۾ خدمتن لاءِ گنجائشون جوڙيون ويون آهن؛

(vii) جتي تجرباتي سائنسز جي ڪنهن شاخ ۾ الحاق گهربل هجي، اتي ان سائنس جي شاخ ۾ تعليم لاءِ مڪمل پوريل ليبارٽري، ميوزيم ۽ ٻين عملي ڪم جي

هنڌن سان گڏ تعليم لاءِ انتظام ڪيا ويا آهن؛
(viii) ضروري گنجائشون فراهم ٿيل آهن، جيئن حالتون اجازت ڏين، پرنسپال جي رهائش ۽ تدريسي عملي جي ميمبرن جي رهائش لاءِ ڪاليج ۾ يا ڪاليج پرسان يا شاگردن جي رهائش لاءِ فراهم ڪيل جڳهه پرسان جوڙي ويندي؛ ۽
(ix) تعليمي اداري جو الحاق، گنجائش موجب پر ۾ موجود ڪنهن ٻئي تعليمي اداري جي شاگردن جي تعليم يا نظم و ضبط جي مفادن لاءِ نقصانڪار نه هوندو.
(2) درخواست ۾ وڌيڪ اهو شامل هوندو ته تعليمي اداري جي الحاق بعد ڪا منتقلي، ڪي انتظامي ۽ تدريسي عملي ۾ تبديلين بابت يونيورسٽي کي رپورٽ ڪيو ويندو ۽ تدريسي عملو اهڙي قابليت رکندو جيئن بيان ڪيل آهي يا جيئن بيان ڪيو وڃي.
(3) هڪ تعليمي اداري جي الحاق بابت درخواست جي نيڪال جو طريقيڪار اهڙيءَ ريت هوندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.
(4) سنڊيڪيٽ الحاق ڪميٽي جي سفارش تي تعليمي اداري کي الحاق ڏئي يا الحاق کان انڪار ڪري سگهي ٿي.
بشرطيڪ الحاق کان تيستائين انڪار نه ڪيو ويندو يا ختم نه ڪيو ويندو جيستائين تجويز ڪيل فيصلي خلاف تعليمي اداري کي ريپريزنٽيشن پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو وڃي.

**الحاق ٿيل ادارن طرفان ڪورسز جو اضافو**
**Addition of courses by affiliated educational institutions**

34.جتي ڪو تعليمي ادارو پڙهائي جا ڪورسز شامل ڪرڻ جي خواهش ڪري ٿو جن جي سلسلي ۾ ان کي الحاق ڏنو ويو آهي ته دفعه 33 جي ذيلي دفعه (3) ۾ ڄاڻايل طريقيڪار تي عمل ڪيو ويندو.

**الحاق ٿيل تعليمي ادارن طرفان رپورٽون**
**Reports from affiliated educational institutions**

35.(1) يونيورسٽي سان الحاق ٿيل هر تعليمي ادارو اهڙيون رپورٽون، ريٽرنس ۽ ٻيون معلومات فراهم ڪندو جيڪا يونيورسٽي ان جي صلاحيت ۽ تعليمي اداري جي اهليت لاءِ طلب ڪري.
(2) يونيورسٽي الحاق ٿيل ڪنهن تعليمي اداري کي مخصوص عرصي دوران اهڙو قدم کڻڻ لاءِ چئي سگهي ٿي، جيڪو يونيورسٽي دفعه 32 جي ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل ڪنهن معاملي لاءِ ضروري سمجهي.

**الحاق ختم ڪرڻ**
**Withdrawal of affiliation**

36. (1) جيڪڏهن يونيورسٽي سان الحاق ٿيل تعليمي ادارو ڪنهن به وقت هن ايڪٽ ۾ ڄاڻايل گهرجن تي پورو لهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ادارو پنهنجي الحاق جي ڪنهن شرط تي پورو لهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ان جا معاملا اهڙيءَ ريت هلايا وڃن ٿا، جيڪي تعليم جي مفادن وٽان نه هجن ته سنڊيڪيٽ الحاق ڪميٽي جي سفارش تي ۽ تعليمي اداري طرفان اهڙي عرضداشت تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ تعليمي اداري کي الحاق ذريعي ڏنل سمورا حق يا ڪجهه حصو ختم ڪري سگهي ٿي يا اهڙن حقن کي ٻيهر نظرثاني ڪري سگهي ٿي.
(2) الحاق ختم ڪرڻ لاءِ اهڙو طريقو اختيار ڪيو

ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**الحاق کان انڪار يا ختم ڪرڻ خلاف اپيل**
Appeal against refusal or withdrawal of affiliation

37. ڪنهن اداري جو الحاق ختم ڪرڻ واري سنڊيڪيٽ جي فيصلي، تعليمي اداري کي الحاق ذريعي ڏنل سمورا حق يا ڪجهه حصو ختم ڪرڻ خلاف سينيٽ ۾ اپيل ڪري سگهجي ٿي.

**اداري يا ڪاليج کي تحويل ۾ وٺڻ**
Taking over of institution or college

38. (1) چانسلر ڪنهن الحاق ٿيل اداري يا ڪاليج جي درخواست تي اهڙي تعليمي اداري يا ڪاليج جو ضابطو ۽ انتظام يونيورسٽي حوالي ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو.

(2)چانسلر اهڙي تعليمي اداري يا ڪاليج جي بهتر انتظام ۽ ضابطي لاءِ حڪومت جي سفارش تي هڪ بورڊ آف گورنرس قائم ڪري سگهي ٿو.

(3) بورڊ آف گورنرس هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) پرو چانسلر (چيئرمين)

(ii) وائيس چانسلر (وائيس چيئرمين)

(iii) اهڙا ٻيا ميمبر حڪومت جي سفارش تي چانسلر طرفان مقرر ڪري سگهجن ٿا.

(4) چانسلر جي خاص يا عام هدايت موجب بورڊ آف گورنرس اهڙي اداري يا ڪاليج جي عام نظرداري ۽ ضابطو سنڀالي سگهجي ٿو ۽ انهن اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهو ڪري سگهندو:

(a) يونيورسٽي جي وقت بوقت جاري ڪيل گائيڊ لائينس جي روشني ۾ اداري يا ڪاليج کي هلائڻ لاءِ

پاليسي جوڙي سگهي ٿو.
(b) اداري يا ڪاليج جي ملڪيت تي ضابطو رکي ۽ انتظام ڪري سگهي ٿو.
(c) اداري يا ڪاليج جي فنڊس، فنانسز اثاثن ۽ سيڙپڪارين جو انتظام ڪرڻ ۽ هلائڻ؛
(d) اداري يا ڪاليج جي اڪائونٽس جو انتظام ڪرڻ ۽ اهڙن اڪائونٽس جي بيان ڪيل طريقي موجب آڊٽ ڪرڻ؛ ۽
(e) اداري يا ڪاليج جا استاد ۽ ٻيا ملازم مقرر ڪرڻ ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو.

## باب VII_

## يونيورسٽي فنڊ

## Chapter_VII

## University Fund

يونيورسٽي فنڊ
University Fund

39. يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊوميننٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Audit and Accounts

40. (1) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي رکيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.
(2) ڪو بہ خرچ يونيورسٽي جي فنڊس مان نہ ڪيو ويندو جيستائين ان جي ادائگي جو بل قانونن موجب ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان آڊٽ نہ ڪيو ويو هجي ۽ ادائگي يونيورسٽي جي منظور ٿيل بجيٽ ۾ شامل نہ هجي.
(3) يونيورسٽي جا اڪائونٽس ڊائريڪٽر آف فنانس ۽

ريزيڊنٽ آڊيٽر جي صحيح سان گڏ مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر حڪومت کي جمع ڪرايا ويندا.

(4) يونيورسٽي جا اڪائونٽس سال ۾ هڪ ڀيرو قانون، ضابطن ۽ قائدن موجب حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(5) سرڪاري آڊيٽر جا اعتراض ڊائريڪٽر فنانس جي راءِ سميت چاٽايل طريقيڪار موجب سنڊيڪيٽ کي پيش ڪيا ويندا.

## باب _VIII
## عام گنجائشون
## Chapter_VIII
## General Provisions

**سبب ڄاڻائڻ جو موقعو**
**Opportunity to show case**

41. سواءِ ان جي تہ ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جو رتبو نہ گهٽايو ويندو يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

**سنڊيڪيٽ کي اپيل ۽ ان طرفان نظرثاني**
**Appeal to and review by the Syndicate**

42. جتي ڪنهن عملدار (سواءِ وائيس چانسلر جي)، استاد يا يونيورسٽي جي ٻئي ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي يا ان جي ملازمت جي ڄاڻايل شرطن ۽ ضابطن موجب تبديل ڪيو وڃي يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو

ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف سنڊيڪيٽ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو. جتي حڪم سنڊيڪيٽ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي سنڊيڪيٽ کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ درخواست ڪرڻ جو حق حاصل هوندو. نظرثاني لاءِ اپيل يا درخواست وائيس چانسلر کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي راءِ ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ سنڊيڪيٽ جي سامهون رکندو.

سپر اينوئيشن جي عمر
Age of superannuation

43. يونيورسٽي جو ڪو عملدار، استاد يا ٻيو ڪو ملازم يونيورسٽي جي ملازمت تان رٽائر ڪندو:

(i) اهڙي تاريخ تي، جڏهن هن ملازمت جا پنجويهه سال مڪمل ڪيا هجن، ان ڪانپوءِ اهو پينشن يا ٻين رٽائرمينٽ جي فاعدن لاءِ اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري؛

(ii) جتي شق (i) موجب ڪا هدايت نه ڪئي وئي آهي، ته سٺ سال عمر جي مڪمل ٿيڻ تي رٽائر ڪندو.

وضاحت: هن دفعه ۾ "مجاز اٿارٽي" مطلب مقرر ڪندڙ اٿارٽي يا شخص جيڪو مقرر ڪندڙ اٿارٽي طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايو ويو هجي، جيڪو لاڳاپيل عملدار، استاد يا ٻئي ملازم جي رينڪ کان گهٽ نه هجي.

پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ
Pension, insurance,

44. (1) يونيورسٽي پنهنجي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جي ڀلائي لاءِ ۽ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن

| | |
|---|---|
| اها مناسب سمجهي. | Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund |
| (2) جتي ڪو پرووبڊنٽ فنڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پرووبڊنٽ فنڊس ايڪٽ، 1925 (1925 جو ايڪٽ XIX) جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون. | |
| 45. (1) جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر چونڊيو مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن ايڪٽ تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات<br>Commencement of term of office of members of Authorities |
| (2) ذيلي دفعہ (1) ۾ شامل ڪجھ بہ دفعہ 46 جي گنجائشن تي اثرانداز نہ ٿيندو. | |
| (3) جتي ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا چونڊيل ميمبرلڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ حاضر ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ اهو ميمبر نہ رهندو. | |
| (4) ڪو ميمبر جنهن ڪا اسائنمينٽ قبول ڪئي هجي يا ٻئي سبب جي ڪري يونيورسٽي کان اهڙي عرصي لاءِ غير حاضر رهي ٿو، جيڪو ڇهہ مهينن کان گهٽ نہ هجي تہ ان کي استعيفيٰ ڏنل سمجهيو ويندو ۽ ان جي سيٽ خالي سمجهي ويندي. | |
| 46. ڪنهن اٿارٽي جي چونڊيل، مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرن ۾ ڪنهن عارضي آسامي کي ان شخص، شخصيتن يا باڊي طرفان جنهن ان ميمبر کي چونڊيو، مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي پريو ويندو ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جنهن | اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي<br>Filling of Casual Vacancies in authorities |

شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي.

**اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ خرابيون**
**Voids in the constitution of Authorities**

47. جتي هن ايڪٽ تحت جوڙيل اٿارٽي ۾ ڪا آسامي هجي، چاڪاڻ تہ حڪومت يا تنظيم، اداري يا يونيورسٽي کان ٻاهر ڪنهن ٻي باڊي ذريعي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم کان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت پري ويندي جيئن چانسلر هدايت ڪري.

**اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار**
**Disputes about membership of Authorities**

48. جيڪڏهن ڪنهن ميمبر جي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر طور مقرري تي ڪو سوال اٿي ٿو تہ اهو معاملو وائيس چانسلر ۽ هاءِ ڪورٽ جي جج ۽ سڀ کان سينئر ڊين تي مشتمل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو، جيڪي سنڊيڪيٽ جا ميمبر آهن ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

**اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ**
**Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies**

49. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو ڪندڙ پاس ڪندڙ جاري ڪندڙ اٿارٽي ۾ موجود ڪنهن آسامي جي ڪري غير موثر نہ ٿيندو يا اٿارٽي ۾ ڪنهن ڊي فيڪٽو ميمبر جي چونڊ، مقرري يا نامزدگي ۾ قابليت يا غير موجودگي سبب غير موثر نہ ٿيندو، پوءِ اهو حاضر هجي يا غير حاضر هجي.

**فرسٽ اسٽيچوٽس**
**First Statutes**

50. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، سنڌ جو گورنر بنيادي اسٽيٽچوٽس نافذ ڪندو ۽ انهن کي هن ايڪٽ جي شيڊول ۾ جاٽايل قانون دفعہ 29 تحت جوڙيل قانون سمجهيا ويندا ۽ تيستائين جاري رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي يا

جيستائين انهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت جوڙيل نون قانونن سان تبديل نہ ڪيو وڃي.

**ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ ۾ رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties at the commencement of the Act**

51. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ وقت ڪنهن اثارتي جي پهرين جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ وقت ڪا رنڊڪ پيش اچي، يا ٻي صورت ۾ هن ايڪٽ جي گنجائشن جي پهريون ڀيرو لاڳو ٿيڻ وقت تہ، چانسلر وائيس چانسلر جي سفارش تي اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون ڏئي سگهي ٿو.

**دائره اختيار تي پابندي**
**Bar of Jurisdiction**

52. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

**ضمانت**
**Indemnity**

53. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

**عملدارن، استادن يا ملازمن کي ڪنهن حڪومت يا تنظيم جي هٿ هيٺ ڪم ڪرڻ لاءِ طلب ڪرڻ**
**Power to require officers, teachers or employees to serve**

54. (1) جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي:

(a) ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيئن چانسلر عوامي مفاد وٽان ۽ حڪومت جي مشوري سان هدايت ڪري، ڪنهن سرڪاري عهدي يا ڪنهن ٻي يونيورسٽي يا تعليمي يا تحقيقي اداري ۾ خدمت سرانجام ڏئي سگهي ٿو، بشرطيڪ استاد جي صورت ۾،

هدايت جاري ڪرڻ کان اڳ سنڊيڪيٽ سان مشورو ڪيو ويندو؛

(b) چانسلر عوامي مفاد ۾ ۽ سرڪار سان مشوري بعد يونيورسٽي ۾ ڪنهن بہ عهدي تي ڪو بہ سرڪاري ملازم يا ٻي ڪنهن يونيورسٽي يا تعليمي ۽ تحقيقي اداري جو ملازم ڀرتي ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي صورت ۾، هدايت جاري ڪرڻ کان اڳ سليڪشن بورڊ سان مشورو ڪيو ويندو.

(2) جتي هن دفعہ موجب ڪا مقرري يا بدلي ڪئي وڃي ٿي، مقرر ٿيندڙ يا بدلي ٿيندڙ جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا ان جي مقرري يا بدلي کان اڳ ڪيس ملندڙ شرط گذريل ملازمت جي فائدن کان گهٽ نہ هوندا.

**فرسٽ اسٽيچوٽس**

**(ڏسو دفعہ 49)**

**The First Statutes**

**(See section 49)**

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:

(i) مئنيجمينٽ ۽ بزنس ايڊمنسٽريشن جي فيڪلٽي؛

(ii) تعليم، ادب ۽ سکيا جي فيڪلٽي؛

(iii) سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي؛

(iv) آرٽس، ڊزائن ۽ موسيقي جي فيڪلٽي؛

(v) سوشل سائنسز جي فيڪلٽي؛

(vi) ٻولي ۽ ڪلچرل اسٽڊيز جي فيڪلٽي؛

(vii) پاليسي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جي فيڪلٽي؛

(viii) قانون جي فيڪلٽي؛ ۽

under any Government or Organizations

فرسٽ اسٽيچوٽس

(ڏسو دفعہ 49)

The First Statutes

(See section 49)

فيڪلٽيز

Faculties

(ix) اهڙيون ٻيون فيڪلٽيز جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) آرٽس، سائنس، بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ بورڊس آف فيڪلٽيز ۾ هر هڪ مشتمل هوندو:

(i) ڊين؛

(ii) فيڪلٽي ۾ شامل هر تدريسي شعبي جا پروفيسرس ۽ چيئرمين؛

(iii) هڪ ليڪچرر، هڪ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ هڪ ايسوسيئيٽ پروفيسر هر هڪ شعبي مان ترتيبوار ۽ سينيارٽي بنياد تي مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(iv) ٽي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي ۾ نہ هجن پر، جن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي خيال ۾ فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن تي خاص عبور هوندو.

(3) تعليم، قانون ۽ ميڊيسن ۾ بورڊس آف فيڪلٽيز هر هڪ مشتمل هوندو:

(i) ڊين؛

(ii) پروفيسرس؛

(iii) فيڪلٽي ۾ شامل هر بورڊ آف اسٽڊيز جا ٻہ ميمبر لاڳاپيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽

(iv) ٽي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي ۾ نہ هجن پر ، جن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي خيال ۾ فيڪلٽي کي

سونپيل مضمونن تي خاص عبور هوندو.

(4) شق (3) جي ذيلي شقن (iii) ۽ (iv) ۾ جاڻايل ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.

(5) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي نسبت سان ڳڻيو ويندو.

(6) هر فيڪلٽي جي بورڊ کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ بورڊ جي عام ضابطن موجب، اختيار حاصل هوندا:

(a) فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن جي پڙهائي ۽ تحقيق بابت مربوط ڪرڻ؛

(b) فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرس جي مقرري تي، سواءِ ريسرچ ممتحن جي ۽ امتحانن لاءِ موزون پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جا نالن وائيس چانسلر ڏانهن اماڻڻ؛

(c) فيڪلٽي سان لاڳاپيل ڪو ٻيو تعليمي معاملو غور هيٺ آڻڻ ۽ ان سلسلي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي رپورٽ ڪرڻ؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ڊين
Dean

2.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو.

(2) هر فيڪلٽي جو ڊين چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي فيڪلٽي ۾ سڀ کان سينئر ٽن پروفيسرن منجهان ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيو ويندو.

(3) ڊين فيڪلٽي ۾ پڙهايا ويندڙ ڪورسز جي ڊگريز ۾، سواءِ اعزازي ڊگريز جي، داخلا لاءِ اميدوار پيش ڪندو.

(4) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**تدريسي شعبو**
**Teaching Department**

3. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ تدريسي شعبو هوندو، جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر تدريسي شعبي جو هڪ چيئرمين سربراهه هوندو.

(2) تدريسي شعبي جو چيئرمين يا چيئرپرسن يا اداري جو ڊائريڪٽر سنڊيڪيٽ طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي شعبي جي ٽن سينئر پروفيسرس ۽ ٽن سينئر ايسوسيئيٽ پروفيسرس منجهان ٽن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو:

بشرطيڪ جتي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪو پروفيسر يا ايسوسيئيٽ پروفيسر نه آهي، اهو ڊپارٽمينٽ جي سينئر استاد جي سهڪار سان فيڪلٽي جي ڊين طرفان سنڀاليو ويندو.

(3) تدريسي شعبي جو چيئرمين هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو.

**بورڊ آف اسٽڊيز**
**Board of Studies**

4. (1) هر مضمون يا مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ ڌار بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(i) تدريسي شعبي جو چيئرمين؛

(ii) تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(iii) لاڳاپيل شعبي مان سينيارٽي بنياد تي ٽي اسسٽنٽ پروفيسر ۽ هڪ ليڪچرر؛

(iv) يونيورسٽي استادن ڪانسواءِ ٽي استاد سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيا ويندا. هر بورڊ جي ضرورت جي حساب سان تعداد سنڊيڪيٽ طرفان طئي ڪيو ويندو؛ ۽

(v) هڪ ماهر وائيس چانسلر طرفان مقرر ڪيو ويندو.

بشرطيڪ تدريسي شعبن، يا فقط جوڙيل ڪاليجن ۾ پڙهائجندڙ قانون، ڪامرس، سوشل ورڪ، جرنلزم، جيالاجي وارن مضمونن جي صورت ۾، بورڊ آف اسٽڊيز هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) يونيورسٽي جي تدريسي شعبي جو چيئرمين؛

(b) يونيورسٽي جي تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس؛

(c) لاڳاپيل شعبي مان هڪ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ هڪ ليڪچرر سينيارٽي جي بنياد تي؛ ۽

(d) چار ماهر وائيس چانسلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

بشرطيڪ فقط الحاق شده ڪاليجن ۾ پڙهايا ويندڙ پروفيشنل مضمون، جيڪي يونيورسٽي ۾ نہ هجن،

جھڙوڪ ميڊيسن، اينيمل هسبنڊري، ڊينٽسٽري، هوم اڪنامڪس، انجنيئرنگ، ايگريڪلچر، بورڊ آف اسٽڊيز هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) لاڳاپيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(b) ڪاليجن جا پنج استاد سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(c) ٻه ماهر وائيس چانسلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

بشرطيڪ هيومنٽيز ۽ سائنسز جهڙن مضمونن جي صورت ۾ جيڪي فقط جوڙيل ڪاليجن ۾ پڙهايا ويندا ۽ يونيورسٽي ۾ نہ هوندا، بورڊ آف اسٽڊيز هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) مضمون ۾ پڙهائي جو ڪم ڪندڙ ڇهہ استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(b) هڪ ماهر وائيس چانسلر طرفان مقرر ڪيو ويندو؛

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرز جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي؛

(5) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين بورڊ آف اسٽڊيز جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو. جتي ڪنهن مضمون جي سلسلي ۾ ڪو يونيورسٽي ۾ تدريسي

شعبو نہ آهي تہ سنڊيڪيٽ طرفان چيئرمين مقرر ڪيو ويندو.

(6) بورڊ آف اسٽڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:

(i) اٿارٽيز کي لاڳاپيل مضمونن ۾ تدريس، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن تعليمي معاملن بابت صلاح ڏيڻ؛

(ii) مضمون يا لاڳاپيل مضمونن ۾ سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛

(iii) مضمون يا لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽

(iv) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ
Board of Advanced studies and Research

5. (1) هڪ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(i) وائيس چانسلر (چيئرمين)؛

(ii) ڊينس؛

(iii) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز، سواءِ ڊينس جي، سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(iv) ٽي يونيورسٽي جا استاد جن وٽ قابليت ۽ تجربو هوندو اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(v) اميريٽس پروفيسرس.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس کانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق ڪي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اٿارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛

(b) يونيورسٽي ۾ تحقيقي ڊگريون ڏيڻ تي غور ڪرڻ ۽ اٿارٽيز کي رپورٽ ڏيڻ؛

(c) تحقيقي ڪم تي ڊگري ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛

(d) تحقيق جي شاگردن لاءِ سپر وائيزرس مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي ٿيسز جا مضمون طئي ڪرڻ؛

(e) بورڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور بعد تحقيقي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي نالن جا پينلس تجويز ڪرڻ؛ ۽

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**سليڪشن بورڊ**
**Selection Board**

6. (1) سليڪش بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) وائيس چانسلر (چيئرمين/چيئرپرسن)؛

(ii) چيئرمين يا سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو هڪ ميمبر چيئرمين طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(iii) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛

(iv) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين؛ ۽

(v) سنڊيڪيٽ جو هڪ ميمبر ۽ ٻه ٻيا ناميارا ماڻهو

سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
بشرطيڪ انهن ٽنهي مان ڪو بہ يونيورسٽي جو ملازم نہ هوندو.
(2) شق (1) جي ذيلي شق (v) ۾ ڄاڻايل ميمبرس ٻن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا.
(3) (a) پروفيسر يا ايسوسيئيٽ پروفيسر جي چونڊ لاءِ ڪورم چار ميمبر هوندو ۽ ٻين استادن جي چونڊ لاءِ ٽي ميمبر ڪورم هوندو.
(b) استادن کانسواءِ عملدارن جي صورت ۾ سليڪشن بورڊ شق (1) جي ذيلي شقن (i)، (ii) ۽ (v) ۾ ڄاڻايل ميمبرن تي مشتمل هوندو.
(4) سليڪش بورڊ جو ڪو بہ ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نہ وٺي سگهندو.
(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين ٽيچنگ پوسٽس تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاڳاپيل مضمون ۾ بہ ماهر وائيس چانسلر طرفان نامزد ڪيا ويندا. سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست تي وقت بہ وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

سليڪشن بورڊ جا ڪم
Functions of Selection Board

7. (1) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين تدريسي ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا

مقرري لاءِ سنڊيڪيٽ کي تجويز ڪندو.

(2) سليڪشن بورڊ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڊ ڪرڻ لاءِ سنڊيڪيٽ کي اعليٰ بنيادي پگهار جاري ڪرڻ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(3) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافته شخص کي يونيورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب سنڊيڪيٽ کي سفارش ڪري سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) سليڪشن بورڊ ۽ سنڊيڪيٽ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نه ٿيڻ تي، معاملو چانسلر ڏانهن اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

**ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي**
**The finance and Planning Committee**

8. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسلر (چيئرمين)؛

(ii) سينيٽ جو هڪ ميمبر سينيٽ طرفان مقرر ڪيو ويندو؛

(iii) سنڊيڪيٽ جو هڪ ميمبر سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيو ويندو؛

(iv) يونيورسٽي جا ٻه ڊينس وائيس چانسلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(v) چانسلر جو هڪ نامزد ڪيل؛

(vi) ماليات جو ڊائريڪٽر ۽

(vii) هائير ايجوڪيشن ڪميشن جو هڪ نامزد ڪيل.

(2) مقرر ڪيل ميمبرن جي عهدي جو مدو ٽي سال

هوندو.

(3) فانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم تي ميمبر هوندو.

**ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم**

**Functions of the Finance and Planning Committee**

9. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) سالياني اڪائونٽ جي اسٽيٽمينٽ تي غور ڪرڻ ۽ سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ سنڊيڪيٽ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) يونيورسٽي جي مالي حيثيت جو سلسليوار جائزو وٺڻ؛

(c) سنڊيڪيٽ کي پلاننگ، ڊولپمينٽ، فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.

**الحاق ڪميٽي**

**Affiliation Committee**

10. (1) الحاق ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسلر؛

(ii) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(iii) لاڳاپيل ريجن جو ڊائريڪٽر اف ايجوڪيشن (ڪاليجز)؛ ۽

(iv) ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (ايجوڪيشن) شهيد بينظير آباد.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻه سال هوندو.

(3) الحاق ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن ڪان وڌيڪ نہ هوندا.

(4) الحاق ڪميٽي جي گڏجاڻي جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسلر طرفان ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.

(6) الحاق ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) الحاق چاهيندڙ يا يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخلا چاهيندڙ تعليمي اداري جي جاچ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي مشورو ڏيڻ؛

(b) الحاق ٿيل ڪاليجن طرفان الحاق جي شرطن جي ڀڃڪڙي جي شڪايتن تي جاچ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي مشورو ڏيڻ؛ ۽

(c) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**نظم و ضبط ڪميٽي**
**Discipline Committee**

11. (1) ڊسپلين ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسلر يا ان جو نامزد ڪيل؛

(ii) ٻہ پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(iii) هڪ ميمبر سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(iv) شاگردن جي معاملن جو هڪ استاد يا آفيسر انچارج ڪهڙي بہ نالي سان هجي جيڪو (ميمبر سيڪريٽري) طور ڪم ڪندو.

(v) يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جو صدر.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن ڪانسواءِ ڊسيپلين ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻہ سال هوندو.
(3) ڊسيپلين ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبر هوندو.
(4) ڊسيپلين ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:
(i) اڪيڊمڪ ڪائونسل کي يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت، نظم و ضبط ۽ بداخلاقي جي ڪيسن سان منهن ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛ ۽
(ii) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**